# پيغام

سنڌ صوبو نہ صرف تهذيب جو رکوالو آهي، پر پنهجن قدرتي خزانن جي ڪري ٻہ سچا تو وچي ٿو، جنهن ۾ ڪچي جا ٻيلا، تمر جا ٻيلا، مختلف قسمن جا پکي پکڻ ۽ حيران ڪندڙ جهنگلي جيوت جون جنسون شامل آهن .هڪ ذميوار قوم وانگر پنهنجي قدرتي وسيلن جي حفاظت ڪرڻ هر قوم جي اولين ذميواري هجڻ گهرجي. اسان کي قدرتي حياتياتي وسيلن ۽ جهنگلي جيوت جي پائداري لاءِ پنهنجي ايندڙ پيڙهي وٽ جوابدھ هجڻ گهرجي.

ماحولياتي تحفظ اسان جي حڪومت جي اهم ترجيحن مان هڪ آهي. اسان اڳ۾ ئي قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ ڏار ڏار قاعدن لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن صوبي اندر جهنگلي جيوت جي جنسن کي بچائي سگهجي، جيڪو قدرتي وسيلن جي حفاظت لاءِ اسان جي ارادن کي ظاهر ڪري ٿو. جهنگلي جيوت جو بچاءُ اسان جو اهم ايجنڊا آهي ۽ اسان سڀ ، جنهن ۾ حڪومت، مقامي تنظيمون ۽ عام عوام ٻہ ان ڪوشش ۾ حصيدار ٿئي. مان صوبي اندر حياتياتي گوناگوني جي حفاظت لاءِ ۽ مقامي ماڻهن جي روزگار لاءِ هن ڊگهي عرصي واري منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڊبليو ڊبليو ايف کي جس ڏيان ٿو.

مان اميد ٿو رکان تہ هيءَ ابتدا سنڌ صوبي جي جهنگلي جيوت واري کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي گڏيل شرڪت سان جهنگلي جيوت جي هنن جنسن کي فنا ٿيڻ واري خطري کان بچائي سگهندي.

ڊاڪٽر ديارام ايسراڻي
صوبائي وزير جهنگلي جيوت کاتو
حڪومت سنڌ

Ph: 021-9203105
021-9203647
Fax: 021- 9203112

**GOVERNMENT OF SINDH**
**FOREST AND WILDLIFE DEPARTMENT**

# پيغام

سنڌ ۾ جهنگلي جيوت جي حفاظت عام ماڻهن جي مستقل سهڪار ڪانسواءِ ممڪن نہ آهي. حڪومت لاء غيرقانوني شڪار ۽ جهنگلي وسيلن جو غير قانوني ۽ ڪاروباري مقصدن جي لاءِ استعمال تي بندش لڳائڻ انوقت تائين مشڪل آهي، جيستائين حڪومت وٽ انساني ۽ مالي وسيلا لامحدود هجن،جيڪو مشڪل آهي.

هن سلسلي ۾ مقامي تنظيمن ۽ مقامي ماڻهن جو ڪردار تمام اهم آهي. ملڪ جي ڪيترن حصن ۾ ماڻهن جي شرڪت سان قدرتي وسيلن جي سارسنڀال لهڻ جا مثال موجود آهن ،جنهن ۾ جهنگلي جيوت جي سانڊ ڪرڻ لاء مقرر ڪيل قانون نافذ ڪرڻ ۾ مقامي ماڻهون سرڪاري ملازمن جي مدد ڪن ٿا. ان سڄي صورتحال ۾ اعزازي گيم وارڊن جو ڪردار تمام گهڻو اهم آهي.

سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972 تحت اعزازي گيم وارڊن ڪي تمام اهم ذميواري ڏني وئي آهي، جن جي وضاحت هن ڪتابچي ۾ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ واچ ۽ وارڊ واري عمل کي ڪارائتو بڻائڻ کان علاوه وائلڊ لائف ڊپارٽمنٽ، مقامي تنظيمون، ۽ عوام سان گڏجي ڪم ڪرڻ واري ڪوشش کي وڌائڻ ۾ پڻ مددگار تي سگهن ٿا.

09/6/09

مشتاق علي ميمڻ
سيڪريٽري،
ٻيلا ۽ جهنگلي جيوت وارو کاتو
حڪومت سنڌ

## سنڌ جي جهنگلي جيوت: هڪ عام جائزو

سنڌ، پاڪستان جو ڏاکڻو صوبو ($28^{\circ}$ - $26^{\circ}$ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ $71^{\circ}$ - $69^{\circ}$ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ) 14.1 ملين هيڪٽرن ۾ پکڙيل ۽ سنڌو ماٿر / انڊس وئلي (بئسن) جو هيٺيون حصو والارينڊ، تهذيب جو گهوارو سمجهيو وڃي ٿو. سنڌ صوبي جي آبهوا اونهاري ۾ گرم ته سياري ۾ معتدل (Subtropical Continental type) ٿئي ٿي.

سنڌو درياءُ، سنڌ صوبي جي ماحولي (Ecological) ۽ اقتصادي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪرنگهي جي حيثيت رکي ٿو. سنڌ صوبي جي زرخيز زمين تي ڀانت ڀانت جي ماڳن هجڻ جو مکيه سبب به سنڌو شينهن درياءَ آهي. اهڙا انيڪ ۽ مختلف قسمن جا ماحولي سرشتا جيڪي بيحد اهميت وارا آهن نه رڳو شاهوڪار گوناگونيت وارا آهن ته مقامي آباديءَ کي پيٽ گذر جا ذريعا به مهيا ڪن ٿا.

سنڌ جي مکيه ماحولي سرشتن ۾ ساحلي تمر جا ٻيلا، دريائي ٻيلا، تازي ۽ کاري پاڻيءَ جون ڍنڍون، آبپاشيءَ رستي آباد ٿيندڙ زمين ۽ بياباني ماحولي سرشتا اچي وڃن ٿا. جن ۾ ٽپرس ۾ وڃهندڙ کُرن وارا (Ungulates) جهنگلي جانور،













روجهه (Antelopes)، رڙهندڙ جانور (Reptiles)، جل ٿل واسي (Amphibians)، سامونڊي ٿڻائتا جانور (Cetacean)، ڪيترا ننڍا ٿڻائتا جانور ۽ ميداني ۽ آبي پَکڻَ (پَکڻَ = مختلف قسمن جا پکي) موجود آهن. پاڪستان جي اهم تاريخي جهنگلي جيوت جي ڪجهه آبادي سنڌ جي نارا ڪئنال ۽ بياباني ڍنڍن ۾ ٿئي ٿي جيڪو واڳونءَ (Marsh Crocodiles)، سامونڊي ٿڻائتي جيوت، لڌڙي (Smooth-coated Indian Otter) ۽ چُنيءَ (Marbled Teal) سبب مشهور آهي.

هڪ تازي سروي مطابق، پاڪستان جي سمنڊ ۾ پنجن قسمن جا وَيسر (Whales)، هڪ ٻرونُ (Porpoise) ۽ پنج ٻلهڻين (Dolphins) جا قسم ٿين ٿا.
جڏهن تہ ڪيٽي بندر واري سامونڊي علائقي ۾ نہ رڳو مڇي جام ٿئي ٿي پر اهو علائقو مڇين جي ڀانت ڀانت قسمن سان بہ مالامال آهي. جن ۾ ديسي مڇين ڪانسواءِ ڪيتري دلڪش ۽ خوبصورت جيوت جهڙوڪ: منگر (Live Shark Sucker) ۽ قسمين قسمين سامونڊي نانگ بہ ٿين ٿا. سنڌ جو سوادي ۽ ديسان ديس مشهور 'پلو' (Hilsa) سنڌو درياءَ ۽ عربي سمنڊ جي سنگم ڪانسواءِ سنڌوءَ جي مٿانهين وهڪري ۾ بہ ٿئي ٿو.

دريائي ٻيلا، سنڌ جي سونهن ۽ سڃاڻپ سمجهيا وڃن ٿا. منجهن ڦاڙهو (HogDeer) ٿئي ٿو، جنهن جو نسل خطري ۾ آهي.

سنڌ جي مشهور انڌي بلھڻ (Indus blind Dolphin) جيڪا سنڌو ڇانئي ۾ سنڌوءَ جي رهواسڻ آهي، ان جي وڏ ۾ وڏ آبادي گڏوءَ ۽ سکر بئراجن جي وچھ ۾ ٿئي ٿي. سنڌ جي مکيہ جھنگلي جيوت جھڙوڪ: گڊ (Wild Sheep)، سره (Sindh Ibex) ۽ هرڻ (Chinkara) کيرٿرپارڪ جهڙي ٽاکرو علائقي ۾ رهي ٿي. انڪانسواءِ مڇي خور ٻلو (Fishing Cat)، مشڪ ٻلو (Small Indian Civet) جھنگلي لومڙ (Desert Fox)، سهگوش ٻلو (Caracal)، ٻگھڙ (Grey Wolf) ۽ سها (Hare) سنڌ جي مختلف حصن ۾ ٿين ٿا.

مختلف قسمن جا ديسي ۽ سانگي پکي سموريءَ سنڌ جي پرند جي نمائندگي ڪن ٿا. ڪينجهر، هاليجي، لنگھ ۽ ڊرگھ جھڙيون ڍنڍيون سانگي پکين جي هڪ وڏي تعداد لاءِ ڊاپي ڪرڻ ۽ سياري گذارڻ جا ماڳ بہ آهن.

## تحفظ ڏنل / محفوظ علائقا:

سنڌ صوبي ۾ تحفظ ڏنل ماڳن جو هڪ وسيع ڄار موجود آهي، جنھن ۾ هڪ نئشنل پارڪ (ڪيرٿر)، 35 جھنگلي جيوت جون پناھ گاھون، Wildlife Sanctuaries ۽ 14 شڪار گاهون (Game Reserves ) موجود آهن. ان سان گڏ ملڪ ۾ موجود 19 رامسر ماڳن (بين الاقوامي اهميت رکندڙ ڍنڍين) مان 10 رڳو سنڌ ۾ آهن.


| # | تحفظ ڏنل علائقا | ضلعو | ايراضي هيڪٽرن ۾ |
|---|---|---|---|
| نيشنل پارڪ | | | |
| 1. | ڪيرٿر نئشنل پارڪ | ڪراچي ۽ ڄامشورو | 30,8733 |

## جهنگلي جيوت جون پناهه گاهون

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | ٽڪر | خيرپور | 43,513.334 |
| 2. | هُڏيرو ڍنڍ | ٺٽو | 13,468.416 |
| 3. | ڪينجهر (ڪلري) ڍنڍ | „ | 1,320.940 |
| 4. | هاليجي ڍنڍ | „ | 1,704.273 |
| 5. | لنگهه ڍنڍ | قمبر/لاڙڪاڻو | 19.179 |
| 6. | برگهه ڍنڍ | „ | 164.268 |
| 7. | محل ڪوهستان | ڄامشورو | 70,577.090 |
| 8. | حب ڊئم | ڪراچي | 27.219.151 |
| 9. | گوندڪ ڍورو | ڪشمور | 30.92 |
| 10. | مياڻي ڍنڍ | حيدرآباد | 56.66 |
| 11. | سمنو ڍنڍ | حيدرآباد | 22.66 |
| 12. | گلشير ڍنڍ | „ | 24.282 |
| 13. | ڍونگ بلاڪ | شڪارپور | 2,097.965 |
| 14. | لاڪاٽ | نوابشاهه | 101.175 |
| 15. | ڪوٽ ڏگاڻو پيلو | „ | 30.252 |
| 16. | محبت ديرو پيلو | „ | 16.188 |
| 17. | ڇڄ بجورو | ٺٽو | 121.41 |
| 18. | نورنگ | „ | 242.82 |
| 19. | ڪٽ منارڪي | „ | 404.70 |
| 20. | ساڏناٽي | „ | 83.772 |
| 21. | شاهه لانڪو | „ | 60.705 |
| 22. | هلايا | „ | 323.76 |
| 23. | مجيران | „ | 24.282 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 24. | گليٽ ڪوهري | “ | 40.47 |
| 25. | مارهو ڪوٽڙي | “ | 161.88 |
| 26. | مُناڪاري | “ | 12.141 |
| 27. | ڪڏي | “ | 80.94 |
| 28. | ڪيٽي بندر - اتر | “ | 8,948.322 |
| 29. | ڪيٽي بندر - ڏکڻ | “ | 23,046.06 |
| 30. | ڪاٽ ڍورو | لاڙڪاڻو | 10.522 |
| 31. | رڻ جو ڪڇ | بدين ۽ ٿرپارڪر | 320463 |
| 32. | نارا ريگستان | سکر خيرپور ۽ سانگهڙ | 223590 |
| 33. | ديهه آڪرو- II | نوابشاهه | 20243 |
| **شڪار جون پناهه گاهون (Game Reserves)** | | | |
| 1. | ديهه جنگيسر | ٺٽو | 313.642 |
| 2. | ديهه خليفا | ٺٽو | 428.982 |
| 3. | دوسو ڍيلو | لاڙڪاڻو | 2,312.212 |
| 4. | هالا ڍيلو | حيدرآباد | 953.473 |
| 5. | سنڌو درياءَ (انڌي ٻلهڻ جي پناهه گاهه) سکر کان گڊو بئراج | ڪشمور / گهوٽڪي/ شڪارپور ۽ سکر | 44.200 |
| 6. | ڪپري جو ڍيلو | سانگهڙ | 3,885.254 |
| 7. | منڊو ديرو | سکر | 1,234.335 |
| 8. | ميرپور ساڪرو ڍيلو | ٺٽو | 777.024 |
| 9. | نارا ماٿري | خيرپور | 109,966.39 |
| 10. | پٽي ڍيلو | نوابشاهه | 1,969.270 |
| 11. | صاحب سمو ڍيلو | حيدرآباد | 348.473 |
| 12. | سُرجان، سمبڪ، اِيري ۽ هوٽياڻو جبل | ڄامشورو | 40,631.88 |
| 13. | ٽنڊو مٺا خان ڍيلو | سانگهڙ | 5,343,294 |

| رامسر ماڳ | | | |
|---|---|---|---|
| 14. | هاليجي ڍنڍ (جهنگلي جيوت پناهہ گاهہ) | ٺٽو | 1,704 ha |
| 15. | ڪينجهر ڍنڍ (جهنگلي جيوت پناهہ گاهہ) | ٺٽو | 13,468 |
| 16. | ڊرگهہ ڍنڍ (جهنگلي جيوت پناهہ گاهہ) | قمبر/لاڙڪاڻو | 164 |
| 17. | انڊي ٻلهڻ جي پناهہ گاهہ | سکر ۽ ڪشمور | 125,000 |
| 18. | حب ڊئم (جهنگلي جيوت پناهہ گاهہ) | ڪراچي | 27,000 |
| 19. | نرڙي لگون | بدين | 2,540 |
| 20. | جبو لگون | بدين | 706 |
| 21. | انڊس ڊيلٽا | ٺٽو | 472,800 |
| 22. | رڻ ڪڇ (جهنگلي جيوت پناهہ گاهہ) | ٿرپارڪر | 566,375 |
| 23. | ديهہ اڪرو (جهنگلي جيوت پناهہ گاه) | شهيد بينظير آباد | 20,500 |



## تحفظ ڏنل جانور

سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس (پهرين جون 2001 تائين ڪيل ترميمن سميت) موجب جانورن جي هيٺين جنسن کي تحفظ ڏنل جانورن جو درجو ڏنو ويو آهي.

1. اهڙو مڙني قسمن جو شڪار جيڪو ٻچڻ هجي يا بالغ نہ ٿيو هجي ۽

مادي ۽ جو شڪار جڏهن :

الف) پيٽ سان هجي يا ڍڪي هجي

ب) جڏهن محسوس ڪجي تہ اهو ٻچن کي کير ڏارائيندڙ / تاتيندڙ آهي.

پ) اهو پنهنجي ڦر/ ٻچن سان گڏ هجي

3. جانورن جي هيٺين جنسن جون سيئي ماديون:
Sindh Wild Goat or Sindh Ibex, Sarah, Urial or Shapu

4. هيٺئين پکين جي ڪا بہ جنس جهڙوڪ:

آرڊيڊي (ARDEIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا ٻگهہ (Herons)، ٻگلا (Paddy Birds)، ڪنگ (Egrets).

پيليڪئنڊي (PELECANIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا پيڻ (Pelicans).

سِڪَونڊي (CICONIIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا لق لق (Storks).

ٿريسڪيورنيٿڊي (THRESKIORNITHIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا ڪائنرا (Ibises) ۽ چمچ ٻزو (Spoon bills).

ڦونيڪوٽيريڊي (PHOENICOPTERIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا Flamingos، جينس ائنسر (*Anser*) ۽ برانٽا (*Branta*) سان واسطو رکندڙ سيئي قسم جهڙوڪ (Geese)، ڪاز (Barheaded Goose).

جينس سگنس (*Cygnus*) سان واسطو رکندڙ سيئي قسم جهڙوڪ (Swans) بدڪن جا هيئيان قسم:

ميري جهالي (Marbled Teal)، لانجهو (Dudjarli)، هنجر (Spotbill Duck)، ڪارائي چيڪلو (Cotton Teal)، سفيد سر (White headed Duck).

ائسپيٽريڊي (ACCIPIRIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا شڪرا (Hawks)، ڳجهه (Vultures)، سرڻ (Kites)، ٻَرمار (Eagles)، (Harriers) ۽ مڇي مار (Ospreys).

فالڪونڊِي (FALCONIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا باز (Falcons)، ننڍو باز (Kestrels).

فئسِئنڊِي (PHASIANIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا تتر (Partridges) ۽ مور (Peafowl)

گُروڊِي (GRUIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جون ڪونجون (Cranes)

اوٽيڊي (OTIDAE) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا تلور (Bustards) ان ڪان علاوه وهيو (Startling)، لهو هنج (Rudy Shelduck)، اڇو هنج (Common Shelduck)

اسٽرجڊي (Strigidea) ۽ ٽائيٽونڊي (Tytonidae) ڪٽنب سان واسطو رکندڙ سيني قسمن جا چبرا (Owls)

5. ٽڪائتن جانورن جي هيٺين سيني ذاتين، جنسن ۽ قسمن جا ٽڪائتا جانور

ڇل مرون (Pangolin)، ڳورپٽ (Honey Badger)،

لڌڙو (Smooth-coated Indian Otter)،

مشڪ ٻلو (Small Indian Civet)، سهہ گوش ٻلو (Caracal)،

مڇي خور / ڦيھہ ٻلو (Fishing Cat)،

چيتو گلدار (Leopard or Panther)،

جهنگلي گڏھہ (Indian Wild Ass)، ڦاڙھو (Hog Deer)

هرڻ (Indian Desert Gazelle)، روجھہ (Blue Bull)

انڌي ٻلھڻ (Indus Blind Dolphin)

ڀولڙو (Rhesus Monkey)، ريگستاني ٻلي (Desert Cat)

جهنگلي ٻلي(Jungle Cat)

6. هيٺين سيني ذاتين، جنسن ۽ قسمن جا رڙهندڙ جانور

واڳون (Marsh Crocodile)، سيسر (Gavial)

پائٿن (*Pythons*) جينس سان واسطو رکندڙ سپ نانگ جهڙوڪ: ازدها يا ارڙ بلا (Python)

وئرئنس (Varanus) جينس سان واسطو رکندڙ سپ ڪرڙيون جهڙوڪ: هڙني قسمن جي ڳوھہ ( Monitor Lizard )، جينس ڊرموڪائيلس (*Dermochelys*)، ڪيلونيا (*Chelonia*)، ڪئريٽا (*Caretta*) ۽ اريٽوموڪيلاس (*Eretomochelys*) جنس سان واسطو رکندڙ سپ ڪميون جهڙوڪ: ليڌربئڪ (Leatherback)، سائي (Green)، لاگرهيڊ (Loggerhead)، هاڪس بل (Hawksbill)، ڪچون(Tortoise) – شيل ٽرٽلس (Shell Turtles) ۽ زيتوني ڪميءَ (Olive Ridley turtles).

## جھنگلي جيوت جي بچاءَ جي ضرورت : The Need for Conservation of Wildlife



جھنگلي جيوت جو تحفظ ڪرڻ ان سبب بہ تمام ضروري سمجھيو وڃي ٿو جو اھا نہ رڳو ڪا مخصوص جوءِ پر ڪيترن مختلف قسمن جا ماحولي سرشتا بہ جوڙي ٿي جن تي اسان جي وجود جو گھڻي حد تائين مدار آھي.

جھنگلي جيوت جيئن تہ ڪنھن بہ ملڪ جو سرمايو / اثاثو ٿئي ٿي، تنھنڪري ان جو بچاءَ ڪرڻ، اتي جي رھواسين جي مکيہ ذميواري ٿئي ٿي. اسان جو سنئون سڌو مدار جھنگلي جيوت تي ٿئي ٿو. ان جو ھڪ سادو مثال ھي ڏئي سگھجي ٿو تہ، جڏھن ڪو جھنگلي جانور ڪو ميوو ڪائي ٿو تہ، ان جو ٻج پنھنجي غلاظت رستي ڪنھن ڏورانھين ھنڌ تي پھچائي ٿو. جيڪي پوءِ ڪنھن ٻوٽي يا وڻ جي صورت ۾ نسري وڏو ٿئي ٿو. ائين نہ رڳو وڻن جي تعداد ۾ تہ موٽ ۾ گوناگوجيوت ۾ بہ واڌارو ٿيندو رھي ٿو ۽ فوڊ چئن / غذائي ڪڙيون قائم رھن ٿيون. جيڪڏھن ائين نہ ٿئي تہ غذائي ڪڙين جي توازن ۾ وڏو خلل پيدا ٿئي. سائنسدان، جانور جي ڪن جنسن / اسپيشيز کي نشاندھي ڪندڙ جنسون (Indicator species) سڏين ٿا مثال طور؛ جيڪڏھن سبز ڪمي (Green Turtle). غذائي ڪڙيءَ مان خارج ڪري ڇڏجي تہ ھڪ اھڙي خطرناڪ صورتحال پيدا ٿيندي جنھن سبب نہ رڳو جيلي فش (Jelly Fish) جي تعداد ۾ واڌارو ٿي ويندو ۽ گند گاھ بہ جام پيدا ٿيندو.

جيئن تہ اسانکي جانورن جي هڪ ٻئي تي مدار هجڻ ۽ ان جي اهميت جي سائنسي لحاظ کان مڙيوئي ڪا ڄاڻ آهي، تنهنڪري اسان اهو اندازو لڳائي نہ سگهندا آهيون تہ غذائي ڪڙيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙي تبديلي اسان جي ماحولي سرشتي تي ڪهڙا اثر پيدا ڪندي. انڪانسواءِ، جهنگلي جيوت جي جيئدان جو مطلب آهي تہ ٻيلن جو بچاءُ، جيڪي مکيہ دريائي سرشتن جا پن مَينڊ (Watersheds) اهڙا مٿاهان زميني هنڌ جتان پاڻي زير زمين ۽ مٿاڇرن رستي هيٺاهن هنڌن ڏانهن وهي. پاڻيءَ جا اهڙا وهڪرا اڳتي هلي وڏا ٿيندا نيٺ اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا). تنهنڪري، اسان جڏهن جهنگلي جيوت ۽ ٻيلن جو بچاءُ ڪريون ٿا تہ ان سان اسان لکين هارين نارين جي خوشحالي کي بہ يقيني بڻايون ٿا جن جو اهڙن دريائن تي مدار ٿئي ٿو، جيڪي اهڙن ميدانن ۽ ڊيلٽا / ڇوڙ وارن علائقن تائين زرخيز مٽي پهچائيندا رهن ٿا.

جڏهن تہ جهنگلي جيوت جون باقي جوئيون فطرت جون شاندار تجربي گاهون آهن جنکي زندگيءَ جي هڪ اهڙي لائبريري سمجهيو وڃي ٿو جنهن جو ڪنهن بہ قيمت تي ڪو مَٽ تي نہ ٿو سگهي. جن رستي اسان قدرت جي هلندڙ ڪارخاني جو اڀياس ڪري ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ مان گهڻو ڪجهہ پرائي سگهون ٿا. اهڙا وسيع زميني منظر جيڪي اسان جي جهنگلي جيوت لاءِ پناهہ گاهون آهن، ملڪ جي جملي قدرتي منظر جو 3 سيڪڙي کان بہ گهٽ آهن ۽ ان جو بہ هڪ سيڪڙي کان گهٽ جهنگلي جيوت لاءِ مستحڪم آهي. انهن حقيقتن ڪانسواءِ جهنگلي جيوت جو اخلاقي ۽ جمالياتي لحاظ کان بہ بچاءُ ڪرڻ ضروري آهي.

ٻيلا، جيڪي جانورن ۽ وڻن ٻوٽن جي آبادين کي قائم رکيو اچن ٿا، قدرتي ارتقا جي لکين سالن جي پيداوار آهن، تن کي اهڙيءَ طرح سان قائم رکڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اسان جا ايندڙ نسل بہ انهن مان اهڙو ئي فائدو حاصل ڪري سگهن جهڙو اسان حاصل ڪري رهيا آهيون.

## ماحول دوست سير و تفريح

اِڪوٽوئرزم (Ecotourism) يا ٽرافي هنٽنگ (Trophy hunting) جي صورت ۾ سڄيءَ دنيا جون ڪيتريون ئي مقامي آباديون پنهنجن پنهنجن حڪومتن سان سهڪار ڪري جهنگلي جيوت جو تحفظ ڪري رهيون آهن، جنهن جي موٽ ۾ ڪين مالي فائدا بہ حاصل ٿي رهيا آهن. اهڙي رجحان کي ڪميونٽي بيسڊ ڪنزرويشن انيشيٽِو (Community-based Conservation Initiative) سڏجي ٿو ۽ ان تي پاڪستان جي ڪيترن حصن، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، اين ڊبليو ايف پي ۽ اتريان علائقا بہ شامل آهن عمل ٿي رهيو آهي.

## مقامي آبادين جي سهڪار سان هلندڙ سانڍ جا پروگرام (Community-based Conservation Approach)



جهنگلي جيوت سانڍيندڙن جو، ڪيترن سالن جي تجربن جو مشاهدو آهي تہ، سانڍ جون اهڙيون مشغوليون ڏکي عرصي تائين تيستائين ڪامياب ٿي نہ ٿيون سگهن جيستائين مقامي آباديون عملي طرح سان انهن ۾ شريڪ نہ ٿيون ٿين. مقامي آبادين جي سهڪار سان هلندڙ سانڍ جي مشغلين ۾ مقامي آباديون تڏهن ئي موثر ثابت ٿي سگهن ٿيون جڏهن: الف) گوناگوجيوت جي سانڍ لاءِ ڪين اهڙو اختيار هجي، ڪين منظم ڪيو وڃي ۽ سندن صلاحيت وڌائي وڃي، ب) مقامي آبادين لاءِ گوناگوجيوت (Biodiversity) جي مختلف حصن جي اهميت ۾ اضافو ڪيو وڃي، پ) انهن لاءِ اهڙي رٿا، قانوني ۽ مالي جوڙجڪ تيار ڪئي وڃي جيڪا مقامي آبادي جي سهڪار سان سانڍڻ جي ڪم ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي.

اهي طريقا ملڪ جي ڪن حصن ۾ ڪاميابيءَ سان رائج ڪيا ويا آهن. جڏهن ته، اترئين پاڪستان ۾ مقامي آبادين پنهنجي آمدني وڌائڻ جي لحاظ کان حيران ڪن نتيجا حاصل ڪيا آهن. هن وقت سنڌ ۾ به ڪير ٿر جي جابلو پٽيءَ ۾ گيم رزرو ايريا ۾ ٽرافي هنٽنگ پروگرام ڪاميابي سان هلي رهيو آهي.

## مقامي آباديءَ جي سهڪار سان هلندڙ ٽرافي هنٽنگ پروگرام - Community - Based Trophy Hunting Program

ٽرافي هنٽنگ، هڪ اهڙي قسم جي شڪار - راند آهي جنهن ۾ رڳو نر جانورن جي سڱن حاصل ڪرڻ لاءِ شڪار ڪيو ويجي ٿو. پاڪستان ۾ مقامي برادرين / آبادين جي سهڪار سان ٽرافي هنٽنگ پروگرام ان حقيقت کي تسليم ڪندي متعارف ڪرايو ويو آهي ته رڳو مقامي برادرين جي سهڪار سان ئي جهنگلي جيوت ۽ لاڳاپيل ماڳن جو اثرائتي طريقي سان بچاءُ ڪري سگهجي ٿو. اهڙين ڳالهين ۾ عملي طرح سان ياڳي پائيوار ٿيڻ لاءِ مقامي برادرين کي مالي فائدن پهچڻ سان ئي ڪاميابي حاصل ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ مقامي برادرين کي ٽرافي هنٽنگ مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ جو 80 سيڪڙو حاصل ٿئي ٿو جيڪو جيوت جي سانڍ ۽ مقامي برادرين جي فائدن لاءِ وليج ڪنزرويشن / ڳوٺ سڌار تي خرچ ڪيو ويجي ٿو. جڏهن ته، سرڪار جي حصي ۾ رڳو 20 سيڪڙو اچي ٿو ۽ اهو انتظاميا ۽ سار سنڀال لهڻ تي خرچ ڪيو ويجي ٿو.

اترئين علائقن ۾ مقامي برادرين جي سهڪار سان هلندڙ ٽرافي هنٽنگ پروگرام جون هيٺيون ڪسوٽيون / معيار آهن:

ڪا بہ اهڙي مقامي برادري / آبادي، ٽرافي هنٽنگ جي اهل سمجهي وڃي ٿي، جنهن سانڊ جي ڪا معقول رٿا تيار ڪئي ۽ ان جي تعميل ڪئي هجي. اهڙي رٿا ۾ گهٽ ۾ گهٽ هينيون ڳالهيون لازماً شامل هجڻ گهرجن:

- مڙني شڪار لائق جانورن بابت معلومات گڏ ڪرڻ.
- جانورن جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد برقرار رکڻ
- ناجائز شڪار بند ڪرڻ واري اقرار نامي تي صحيح ڪرڻ.
- شڪار ڪرڻ لاءِ جانورن جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد برقرار رکڻ.
- ساليانہ ڪوٽا مقرر ڪرڻ خاطر طريقيڪار واضح ڪرڻ.
- مختلف ڏسن ۾ فنڊن جو استعمال ڪرڻ جهڙوڪ: پاٹمرادوهلندڙ پروگرام ۽ مسلسل چوڪسي رکڻ وغيره.
- سانڊ لاءِ پيش قدميون جن رستي جيوت جو انگ قائم رکي سگهجي، خاص طور تي جانورن جي جوڻن جي بهتري، شڪار بچائي ۽ غير قانوني شڪار روڪي سگهجي.
- رٿائن تي نظر رکڻ، جانورن جي انگ کي ڏسندو رهڻ ۽ ٻاهرئين نگرانيءَ بابت ٺاهہ ڪرڻ.

## اعزازي ضلعي گيم واردن جا ڪردار ۽ ذميواري

اعزازي ضلعي گيم واردن، سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972ع جي فقره (1) جي شق 3 هيٺ، اعليٰ اختياري مقرر ڪري ٿي. هن وقت سنڌ صوبي ۾ 17 اعزازي گيم واردن ڪم ڪري رهيا آهن



اعزازي ضلعي واردن پنهنجن علائقن جا معزز فرد ٿين ٿا ۽ ان سبب مقرر ڪيا وڃن ٿا تہ جيئن اهي جهنگلي جيوت ڪاتي جي سهڪار سان جهنگلي جيوت جو تحفظ ڪري سگهن. سنڌ جو جهنگلي جيوت ڪاتو اعزازي ضلعي گيم واردن کي آفيس ۽ سواريءَ جي سهوليت مهيا نہ ٿو ڪري. جڏهن تہ ڪين رڳو سهوليت لاڳاپيل علائقي ۾ جهنگلي جيوت جي عملي جي هجي ٿي جيڪي سندن ماتحت ڪم ڪري، پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ جهنگلي جيوت جو بچاءُ ڪندا رهن ٿا.

پنهنجن پنهنجن لاڳاپيل ضلعن ۾ جهنگلي جيوت جي سانڊ لاءِ اعزازي گيم واردن کي شق 3 (2) هيٺ ڪجهہ اختيار مليل آهن جن جو ان شق ۾ هيٺين ريت ذڪر ڪيل آهي:

اعزازي آفيسر کي هن شق هيٺ سڀ اختيار هوندا ۽ هو ٽن سالن لاءِ پنهنجي آفيس هلائي سگهندو، سواءِ ان حالت جي جڏهن سرڪاري پڌرنامي / نوٽيفڪيشن رستي سندس اهڙي مقرري ختم نہ ٿي ڪئي وڃي.

سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972ع جي مختلف شقن ۾ اعزازي ضلعي گيم واردن جا اختيار هيٺئين ريت ڄاڻايل آهن:

### وارنٽ کان سواءِ (سيڪشن 21) جهڙتي وٺڻ

ڪو بہ آفيسر يا ٻيو ڪو بہ اهڙو فرد جنهنکي سرڪار پنهنجي پاران نامزد ڪيو هجي ڪنهن فرد، جاءِ / عمارت، جهاز، ٻيڙي، جانور، هٽ، ٿانو / برتن يا ويڙهيل شئي جي ڦولها ڪري پاڻکي مطمئن ڪري سگهي تہ مٿئين قانون هيٺ ڪو غير قانوني ڪم / ڏوهہ تہ نہ ڪيو ويو آهي.

### ضبط ڪرڻ جو اختيار (سيڪشن 22)

ڪو بہ آفيسر يا ٻيو ڪو بہ اهڙو فرد جنهنکي سرڪار پنهنجي پاران نامزد ڪيو هجي، ڪا بہ جهنگلي جيوت زنده يا مرده، ڪنهن بہ هٿيار، ڄار، ڪوڙڪي، ڄڙڪ، تير ڪمان يا ڪنهن بہ سواري يا ٻيڙي يا ڪا بہ اهڙي شئي جيڪا قانون ۾ ذڪر ڪيل ڏوهہ لاءِ استعمال ڪئي وئي هجي يا ان جي استعمال ڪرڻ جو شڪ هجي ضبط ڪري سگهي ٿو.

### گرفتار ڪرڻ جو اختيار (سيڪشن 27)

1. ڪو بہ آفيسر يا ٻيو ڪو اهڙو فرد جنهن کي نامزد ڪيو ويو هجي، ماجسٽريٽ جي حڪم نامي ۽ وارنٽ ڪانسواءِ ڪنهن بہ اهڙي فرد کي گرفتار ڪري سگهي ٿو جنهن خلاف معقول شڪ / شهادت موجود هجي تہ هو ڪنهن اهڙي ڪم ۾ شامل ٿي سگهي ٿو جنهن جو قانون ۾ ذڪر ڪيل آهي.
2. هر آفيسر جيڪو هن قانون تحت جنهن فرد کي گرفتار ڪندو، غير ضروري دير ڪرڻ بجاءِ ۽ آرڊيننس ۾ ڏنل گنجائش آهر ڪيس ضمانت تي آزاد ڪندو، حد جي مئجسٽريٽ يا ڪنهن بہ ويجهي پوليس اسٽيشن جي انچارج آفيسر آڏو پيش ڪندو.

3. گرفتار ڪيل شخص کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو اختيار (سيڪشن 28)

ڪو بہ آفيسر جنهن جو عهدو، گيم انسپيڪٽر کان گهٽ نہ هوندو يا ساڳئي عهدي وارو هوندو ڪنهن شخص کي سيڪشن 27 هيٺ گرفتار ڪيو هجي اهڙي فرد کي ضمانت تي آزاد ڪري سگهي ٿو تہ هو، جڏهن بہ گهربل ٿيو تہ هو حد جي مئجسٽريٽ يا ڪنهن بہ ويجهي پوليس اسٽيشن جي انچارج آفيسر آڏو پيش ٿيندو.

ڏوهہ روڪڻ جو اختيار سيڪشن (29)

هر آفيسر يا ڪو بہ اهڙو آفيسر جنهن کي اهڙو اختيار ڏنو ويو هوندو اهو ڏوهہ ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ ڪنهن بہ ٿيندڙ ڏوهہ کي روڪڻ لاءِ مداخلت ڪري سگهندو.

ڏوهہ جو هرجاڻو ڀرائڻ سيڪشن (33)

1. سرڪار، گزيٽ رستي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڪنهن آفيسر کي اهڙو اختيار ڏئي سگهي ٿي تہ:

الف) ڪنهن اهڙي فرد کان جنهن خلاف معقول شهادت / ثبوت موجود هجي تہ هن قانون هيٺ اهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، پئسن جي صورت ۾ هرجاڻو ڀرائي سگهي ٿو، جنهن جو هن ڏوهہ ڪيو آهي.

ب) جڏهن ڪا اهڙي ملڪيت ضبط ڪئي وئي هجي جيڪا ضبط ڪرڻ جوڳي هجي تہ اها اوتري ماليت جي پئسن تي جنهن جو آفيسر پاڻ اندازو لڳائي سگهي ٿو، آزاد ڪري سگهي ٿو.

2. هرجاٽي طور اوترا پئسا يا ملڪيت جي ماليت آهر سب سيڪشن (1) تحت يا ٻئي جيڪا به حالت ٿي سگهندي هجي، جيڪڏهن شڪي فرد نظربند هجي ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو ۽ ملڪيت جي حالت ۾ جيڪڏهن ڪا آهي ۽ ضبط ڪئي وئي آهي ته آزاد ڪئي ويندي ۽ اهڙي فرد يا ملڪيت خلاف وڌيڪ ڪارروائي نه ڪئي ويندي.

3. قانون جي فقره (الف) سب سيڪشن (1) هيٺ هرجاٽي طور ورتل رقم ڪنهن به صورت ۾ پنجاهه هزارن کان وڌيڪ نه هوندي.

4. هن آرڊيننس تحت ڪنهن به آفيسر کي اهڙو اختيار نه هوندو ته ٻئي دفعي ۾ ان ڪانپوءِ ڪيل ڏوهه جو هرجاڻو ڀرائڻ جو مجاز هوندو بلڪه ان ڏوهه کي ٻي دفعي ڏوهه يا شڪار ڪرڻ تي ڪورٽ ۾ چالان ڪيو ويندو.

---

حوالو : دي سنڌ وائلڊ لائف پروٽيڪشن آرڊيننس 1972